# ڊاڪٽر ديال آشا

## ڄاتل سڃاتل شاعر ۽ ساهتيڪار




Dr. Dayal 'Asha'
*Former Principal,*
Chandibai Himatmal Mansukhani College, Ulhasnagar

پراچين وقت کان سنڌين هر ميدان ۾ پنهنجي ڪلا جو جوهر پئي ڏيکاريو آهي. ڪن تعليمي کيتر ۾ شهرت پاتي ته ڪن صنعتي ميدان ۾ بلندي ماڻي؛ ڪن واپار ۾ پنهنجي مهارت ڏيکاري، ته ڪن عام جنتا جي ڀلائيءَ لاءِ اِسپتالون کوليون؛ ڪن وري اِسڪول ۽ ڪاليج برپا ڪيا، جيئن جاتيءَ کي تعليم جي روشني ڏيئي سگهجي! نه صرف ايترو پر ڪيترا اَهڙا شخص به آهن، جن هَڪ ئي وقت اَلڳ اَلڳ کيترن ۾ پنهنجي فن، هنر ۽ جوهر جي ڇاپ ڇڏي آهي.

ساهتيه جي ميدان ۾ هڪ اهڙي شخصيت به آهي، جنهن نه صرف هندي ٻوليءَ جو گهرو اَڀياس ڪندي اُن ۾ ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪري ڏيکاري؛ پر اُن سان گڏوگڏ سنڌيءَ ۾ ڊي.لٽ. جي اُپاڌي ماڻي آهي! هيءُ آهي **ڊاڪٽر ديال آشا.**

**جوَهراڻي:** **پهرين پهرين ٻڌائيندا تہ توهان هندي تعليم ۽ هندي ساهتيہ سان ڪڏهن ڪان رشتو جوڙيو؟**

**ديال:** مون کي ٻالڪپڻ کان ئي هنديءَ ۾ چاهہ هئو. مان اِسڪول جي ڏينهن کان ئي هندي ۽ سنڌيءَ سان پوري طرح هريل هوس. سنڌي منهنجي مادري زبان آهي ۽ هندي اَسان جي ديش جي زبان آهي. مان هميشه اِئين چوندو آهيان، تہ اِهي ٻيئي ٻوليون ڄڻ منهنجيون ٻہ اَکيون آهن!

**جوَهراڻي:** **اِئين برابر آهي ڇا تہ توهان سنڌيءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪرڻ کان اَڳ هنديءَ ۾ Master of Arts جي ڊگري حاصل ڪئي؟**

**ديال:** اهو ان ڪري ٿيو جو اُنهن ڏينهن ۾ جڏهن مون B.A. پوري ڪئي، تن ڏينهن ۾ سنڌيءَ ۾ ماسٽرس ڊگري هئي ئي ڪانہ! تنهن ڪري مون 'Master Of Arts' هندي ۽ سنسڪرت ۾ ڪئي. اُن کان پوءِ منهنجي من ۾ سنڌيءَ لاءِ رُچي پيدا ٿي. اُهو بہ ان ڪري ٿيو جو مان جڏهن اڃا ٻار هوس تہ منهنجي ماءُ سدوري ٻائيءَ جي ڏاڍي تمنا هئي تہ مان ڊاڪٽر بڻجان. مون پنهنجي ماءُ کي چيو، تہ مان ڊاڪٽري ڪيئن پڙهي سگهندس؛ جڏهن مون سائنس ئي نہ ڪنئي آهي. تنهن هوندي بہ سندس دل پنهنجو پيارو سپنو سانڍيندي آئي تہ سندس پٽ هڪ نہ هڪ ڏينهن ڊاڪٽر ضرور ٿيندو! هاڻي ان کي توهين اَندر مان آتما جو آواز چئو يا سندس پالڻ پوشڻ جو اَثر يا ٻيو ڪجهہ بہ چئو؛ پر پرماتما جي مهر سان سندس اُهو پيارو سپنو ساڪار ٿيو ۽ مون ڊاڪٽر جي ڊگري حاصل ڪئي آهي!

**جوَهراڻي:** **شرير جي بيمارين جو علاج ڪندڙ ڊاڪٽر نہ سهين، پر توهين آتمائن کي خالِصُ ڪرڻ وارا ڊاڪٽر ضرور ٿي ويا!**

**ديال:** اهو سڀ سرسوتي ديوي، منهنجن پيارن مائٽن، سنت سوامي شانتي پرڪاش ۽ دادا جشن واسواڻي ۽ ٻين جي ڪرپا سان ٿيو آهي!

**جوَهراڻي:** **هنديءَ ۾ ڊاڪٽوريٽ حاصل ڪرڻ کانپوءِ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي**

**ساهتيہ ڏانهن ڪيئن مائل ٿيا؟**

**ديال:** مان تہ ٻالڪپڻ کان سنڌيءَ ۾ لکندو هوس ۽ اها رُچي اڃ ٿي هئي!

**جوَهراڻي:** **توهان اَڃ تائين ڪيترا ڪتاب لکيا آهن؟**

**ديال:** هندي، سنڌي ۽ اَنگريزيءَ ۾ ڪل ملائي مون لڳ ڀڳ پنجاه کن ڪتاب لکيا آهن!

**جوَهراڻي:** **توهان جا اَنگريزيءَ ۾ ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب لکيل آهن؟**

**ديال:** 'سنڌ جا سنت' ۽ 'سونهري ويچار، منهنجي ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهراج جا.'

**جوَهراڻي:** **توهان ساهتيہ جي هر شاخ تي قلم هلايو آهي. توهان اَهڙا ڪي ليک لکيا آهن، ناول يا ڪهاڻيون لکيون آهن، جن ۾ انساني زندگيءَ جا جذبات، پيار، محبت، رشتن-ناتن، اَحساسن، قربانين ۽ آتم سنمان جو بيان هجي؟**

**ديال:** مون جيڪي ڪجھ سماجڪ زندگيءَ ۾، شخصي آزمودن مان پرايو آهي ۽ ٻالڪپڻ کان وٺي ڏٺو، ٻڌو ۽ محسوس ڪيو آهي، سو سڀ شاعري يا ليکن جي روپ ۾ پيش ڪيو آهي!

**جوَهراڻي:** **گهڻن جو ويچار آهي تہ هن وقت تائين توهان جيڪي ڪجھ لکيو آهي يا قلمبند ڪيو آهي، سو سڀ گهڻو ڪري سنتن جي جيونين ۽ ڪارج تي آهي! اُنهن جيونين ۾ سنتن جي ساراه جا ڍڪ ڀريا ويا آهن، سندن واقعن ۽ ڪرامتن جا بيان ڏنا ويا آهن. سنتن جي انهن جيونين ۽ واقعن مان ليکڪ جي اَصلي نجي شخصيت جي اَحساسن جي جاڻ ڪونہ ٿي پوي! ڇا سنتن مهاتمائن جي جيونين ڪانسواءِ بہ توهان ڪي ٻيا ڪتاب لکيا آهن؟**

**ديال:** سنت ساهتيہ جي پنهنجي واڪاڻ آهي، جو اهو ساهتيہ اَمر آهي! توهان کي ٻڌي خوشي ٿيندي تہ 'SAINTS OF SINDH' پنج دفعا ڇپيو ويو آهي.

مان سنتن جي سنگ ۾ گھڻو وقت رهيو آهيان؛ ان ڪري منهنجي زندگي ۽ اُٿڻ ويهڻ ۾ اُنهن جو اَثر وڏيڪ پئي رهيو آهي. اهو منهنجي هندوستان يا سنڌ جي سنتن تي ڪتابن جي لکڻين مان بخوبي ظاهر ٿيندو آهي ۽ اهو ساهتيہ ڪافي مشهور آهي.

اُن کان سواءِ مون پنهنجي لکڻين ۾ پنهنجي نجي شخصي زندگيءَ جا آزمودا پڻ پيش ڪيا آهن. کوجناتمڪ لحاظ کان ڏسجي تہ مون هنديءَ ۾ ڪتابي صورت ۾ ٿيسز بہ لکي آهي، جنهن جو عنوان آهي 'سنڌي ڪوين جي هنديءَ ۾ ساڌنا'. ان ڪتاب ۾ اَرڙهين ۽ اُڻويهين صديءَ جي اُنهن شاعرن ۽ ڪوين جو ذڪر آهي، جيڪي اُن وقت سنڌي هوندي ۽ سنڌ ۾ رهندي بہ هندي ڀاشا ۾ لکندا هئا. تمام ڪن ٿورن کي هن وشيہ جي باري ۾ ڄاڻ آهي.

جڏهن مون اها وشيہ چونڊي، ٿيسز لاءِ پيش ڪئي تہ يڪدم منظور ڪئي ويئي ۽ مون کي چيو ويو تہ برابر اِهو وشيہ تمام نئون آهي ۽ ڪيترن کي ان جي باري ۾ ڄاڻ ڪانہ آهي تہ سنڌي ڪوين ارڙهين اڻويهين صديءَ ۾ هندي ساهتيہ ۾ يوگدان ڏنو آهي!

**جوَهراڻي:** **ڪيتري وقت کان اَسان جي سنڌي جاتيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ جي باري ۾ واد وواد پيو هلندو اَچي؛ تہ اها ديوناگري لپي هجي يا عربي لپي. توهين ڪهڙي لپيءَ جي فائدي ۾ آهيو؟**

**ديال:** مان تعليمدان آهيان ۽ ڪنهن بہ لپيءَ جي خلاف ڪونہ آهيان. پر اَڄ ڪالهہ جي حالتن موجب ديوناگري لپي وڌيڪ ڪارائتي آهي. ١٨٤٩ع ۾ جڏهن ڪيپٽن جارج اسٽئڪ 'اَنگريزي-سنڌي شبد ڪوش' ڇاپيو تڏهن هن ديوناگري لپي ڪم آندي. مان وري بہ ٿو چوان تہ مان ڪنهن بہ لپيءَ جي خلاف ڪونہ آهيان پر جيئن تہ اَسين سنڌي، ديش جي سڀني پرانتن ۾ پکڙجي ويا آهيون، ان ڪري هنديءَ سان گھڻو جڙي ويا آهيون. ان خيال کان تہ اَسان جا ٻار پنهنجي مادري ٻوليءَ کان وانجهجي نہ وڃن، جيئن

مهاراشٽرا يا ٻين پرانتن ۾ ڪانوينٽ اَنگريزي اِسڪولن ۾ پڙهائي ڪري رهيا آهن تہ اُهي ديوناگري لپي سولائيءَ سان سمجهي سگهندا. ٻوليءَ کي زنده رکڻ جي خيال کان ديوناگري اَپنائڻ ۾ ڪوبہ هرج ڪونہ آهي.

**جوَهراڻي:** **اهو تہ اِئين ٿيو جيئن مهاتما گانڌيءَ چيو هو تہ سڄي ديش جي هڪ ئي لپي؛ ديوناگري ٿيندي تہ هڪٻئي سان ٻڌجي ويندا سون ۽ پاڻ ۾ ويجهو اَچي ويندا سون.**

**لوڪمانيہ تلڪ بہ ان ڏس ۾ ڪوششون ورتيون تہ مراٺي ٻولي پڻ ديوناگريءَ ۾ لکي وڃي. اَڄ لپيءَ جي خيال کان مراٺي سليس ۽ سولي ٿي پيئي آهي. اَڄ ڪالهہ گجراتي بہ ان ئي ويچار جا ٿي رهيا آهن تہ ديوناگري اَپنائجي پوءِ سندن ساهتيہ بہ گهڻائيءَ واري عام ماڻهوءَ تائين پهچي سگهي ٿو. ڇا توهان جو بہ اِهو ئي ويچار آهي تہ سڀني ٻولين کي ديوناگري لپي اَپنائڻ گهرجي؟**

**ديال:** مان سمجهان ٿو تہ اها لپيءَ جي واد وواد هميشہ لاءِ پيئي هلندي!

**جوَهراڻي:** **اهو لپيءَ جو واد وواد هميشہ لاءِ ڪيئن هلندو! جڏهن تہ اَسان جي نوجوانن کي سنڌي ٻولي عربي لپيءَ ۾ سيکاري ئي نہ ٿي وڃي، صرف اُلهاس نگر کي ڇڏي. اُهو بہ ان ڪري جو اُتي سنڌين جي گهڻائي آهي. پر ان ڪانسواءِ گهڻو ڪري ٻين سڀني هنڌن تي سنڌي عربي لپيءَ ۾ سيکارڻ لاءِ نہ توهان کي ماستر ملندا ۽ نہ ئي ٻارن ۾ اِها لپي سکڻ جو چاهہ آهي. سو اَڄ جڏهن اَسين اَهڙي موڙ تي پهتا آهيون؛ تہ پوءِ پنهنجي ٻوليءَ کي ڪيئن بچايون؟**

**ديال:** خود سرڪار بہ اِن ڏس ۾ ڪوششون وٺي رهي آهي تہ جيڪي ٻار اَنگريزيءَ ۾ تعليم حاصل ڪري رهيا آهن، تن کي پنهنجي مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏني وڃي. مهاراشٽرا سرڪار سنڌيءَ لاءِ هڪ گڏيل رستو اَختيار ڪري پنجاه مارڪن جو اِمتحان رکيو آهي، پنجين درجي کان نائين درجي تائين. ٻنهي لپين ۾

ڪتاب تيار ڪيا ويا آهن، جيئن شاگردن لاءِ سهوليت ٿئي. اهو طريقو شروع ٿي چڪو آهي ۽ ڪيترائي شاگرد اَنگريزي ماڌيم هوندي بہ سنڌي سکي رهيا آهن؛ سوَن ۾ نہ پر هزارن ۾. مثال طور سنڌونگر ۾ اَسان وٽ سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اِسڪول ۽ جهوليلعل هاءِ اِسڪول آهي، جيڪو هربخش موٽواڻيءَ جي نظرداريءَ هيٺ هلايو ويندو آهي. ٻيئي اِسڪول اَنگريزي ماڌيم وارا هوندي بہ ديوناگري لپيءَ معرفت سنڌيءَ جي بہ تعليم پڙهائيندا آهن.

**جوَهراڻي:** **هينئر توهان 'اُلهاس نگر' کي 'سنڌو نگر' جي نالي سان سڏيو. 'سنڌو نگر' نالي جي بلڪل پهرئين ڏينهن کان ئي صلاح ڏني ويئي هئي، جڏهن اَجا نگر جو نالو 'ڪلياڻ ڪيمپ' هو. مرارجي ڊيسائيءَ جي ڏينهن کان وٺي ئي سنڌي پڪاريندا پئي رهيا آهن تہ هن نگر جو نالو 'سنڌو نگر' رکيو وڃي. پوءِ ڇو سنڌو نگر جا رهواسي ان ڳالهہ ۾ پٺيان رهجي ويا آهن؟**

**ديال:** هتان جي رهواسين جي اِها دلي تمنا آهي ۽ اِن ڏس ۾ بيحد اُتساهي ۽ جذباتي آهن. هاڻي اها جوابداري سرڪار جي آهي تہ ڪوئي قدم کڻي!

**جوَهراڻي:** **پر اهو تہ اَسان جي اِرادن تي مدار ٿو رکي تہ اَسين پنهنجو آواز سرڪار تائين ڪيئن پهچايون؟**

**ديال:** ڪيترن ئي ماڻهن هن وشيہ تي پنهنجو آواز اُٿاريو آهي؛ پر چاڪاڻ تہ اَسين ٿورائيءَ ۾ آهيون، ان ڪري اَسان جي هن پڪار کي ڪائي خاص اَهميت ڪونہ ڏني ويئي آهي!

**جوَهراڻي:** **جڏهن اَسان کي سنڌ ڇڏي هندوستان اَچڻ لاءِ چيو ويو هو تڏهن اَسان پنهنجيون زمينون، جائدادون سڀ ڪجهہ قربان ڪري ۽ پنهنجي جنم-ڀوميءَ کي اِن وشواس سان الوداع ڪيو تہ اَسانکي ڀارت ۾ هڪجهڙا قانوني حق ملندا ۽ اَسان کي ٻين شهرواسين جيان سهوليتون ڏنيون وينديون. اَڄ اَسين اُهي حق وٺڻ ۾ ڇو ناڪامياب ويا آهيون ۽ ڇو اَسان سان اَهڙو ڏارين وانگر ورتاءُ ٿو ڪيو وڃي؟**

**ديال:** خير! اِهو سڀ راڄ هلائيندڙن جو ڪم آهي! پر مان تہ سماج شيوڪ آهيان، سياست کان پري.ان ڪري مان اُنهن تي نقطچيني نہ ڪندس. اِهو هڪ جذباتي اَحساس آهي جو سنڌو نگر ڪي اَسان سنڌين لاءِ ’ننڍڙي سنڌ‘ ڪري سڏيندا هئاسون؛ جتي اَسين پنهنجي سڀيتا ۽ تهذيب زنده رکي سگهون!

**جوَهراڻي:** **ڪو وقت هئو جو سنڌو نگر ۾ سنڌي پوشاڪ، سنڌي ڪاڌا، سنڌي رهڻي ڪرڻي يا اُهو سڀ ڪجهہ جنهن جو سنڌيت سان واسطو آهي، بلڪل ظاهر ظهور ڏسڻ ۾ ايندو هو. پر هينئر آهستہ آهستہ اُهي سڀ اُهڃاڻ گم ٿيندا ٿا وڃن. اُنهن کي اَسين ڪيئن بچائي ۽ محفوظ رکي سگهون ٿا ؟**

**ديال:** اَسين اُنهن کي سولائيءَ سان سانڍي رکي سگهون ٿا. اهو سڀ اَسان تي مدار ٿو رکي. پر اَڄ بدنصيبيءَ سان اَسين ڏسي رهيا آهيون تہ سنڌي پنهنجي ٻولي ۽ سنڌيت کان پري ٿيندا ٿا وڃن. سو ان ۾ صرف سرڪار يا ديش جو ڪاروبار هلائيندڙن جو ڏوهہ ڪونہ آهي، پر ڪنهن حد تائين اَسين خود بہ جوابدار آهيون. اَسان کي پنهنجي وويڪ ۾ جهاتي پائڻ گهرجي ۽ پاڻ فيصلو ڪرڻ گهرجي تہ اَسين پنهنجي ٻولي ۽ سنڌيت سان ڪيترو وفادار آهيون.

توهان ڪجهہ وقت اَڳ ۾ پڇيو تہ سنتن جي جيونين ڪانسواءِ مون ٻيو ڪهڙو ساهتيہ رچيو آهي. مون سنڌيءَ ۾ غزل، گيت، دوها، ۽ نظم لکيا آهن ۽ ساڳئي وقت هنديءَ ۾ دوها، ڀڄن، ڀڳتي گيت ۽ غزل وغيره لکيا آهن. اُهي سڀ وقت بوقت ڇپيا ڇپجندا آهن.

**جوَهراڻي:** **توهان ساهتيہ جي هر شاخ ۾ جوهر پئي ڏيکاريو آهي. شايد ان ڪري سنڌي توڙي هندي ساهتيہ ۾ توهان کي گهڻي ۾ گهڻا اِنعام ۽ سنمان قدرشناسي طور پئي مليا آهن؟**

**ديال:** نہ منهنجا پيارا! مان هڪ زيرو آهيان؛ پر ايشور جيڪڏهن مونکي هيرو ڪيو آهي تہ اِها سندس مهانتا آهي! اها منهنجي گرو، سوامي شانتي پرڪاش، منهنجن پالڻ پوسڻ وارن مائٽن،

سرسوتي ديوي، سوامي ليلا شاهه، ساڌو ٽي.ايل. واسواڻي ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جي مهر آهي!

**جوَهراڻي:** **عمر جي ڪهڙي دور ۾ توهان ايترا فيلسوفاڻا ويچار حاصل ڪيا؟**

**ديال:** جڏهن کان مان مهان سنت، ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي سنگ ۾ آيس؛ جنهن جي جنم شتابدي اَسان نه صرف هتي ڀارت ۾ پر سڄي دنيا ۾ ملهائي رهيا آهيون. هو مهان آتما هئو؛ پيار جو ساگر هئو؛ جيڪو سيني کي هڪجهڙو ڪري ڀانئيندو هو! ٻار هجي يا ٻڍو، مرد هجي يا اِستري!

**جوَهراڻي:** **مان ڀانيان ٿو ته توهان شايد صديءَ جي مهان سنت، ٽي.ايل. واسواڻيءَ تي به ڪتاب لکيو آهي؟**

**ديال:** ها! سنڌي ۽ هندي، ساڳئي نوع ۾ مون دادا جشن واسواڻيءَ تي به لکيو آهي! انهيءَ ساڳئي ڍَنگ سان مون ڪجهه ڏرمي ڪتاب به لکيا آهن. دادا جشن واسواڻي پڻ پيار جو ساگر آهي ۽ هر وقت بخشڻ وارو آهي. مان ڏاڍو خوش نصيب آهيان، جو سوامي شانتي پرڪاش جي مهر سان مون کي ديش جي ڪيترن پرانتن ۾ غريبن جي شيوا ڪرڻ جو موقعو مليو آهي، جيئن ته بهار، اُتر پرديش، مڌيه پرديش، گجرات، آنڌرا پرديش وغيره.

١٩٩٨ع ۾ بهار ۾ جڏهن ڏڪار پيو هو، تڏهن سواميءَ جي ڪرپا سان مان بهار جي ٻوڏ- گيا ۾ بدنصيبن جي شيوا ڪرڻ ويو هوس، ۽ پوءِ سوامي جن پاڻ به اُتي آيا. آنڌرا پرديش ۾ جڏهن طوفان ۽ ٻوڏ آئي، گجرات ۾ جڏهن زلزلو ٿيو، لاتور (مهاراشٽرا) ۾ ڀونڪپ ٿيو، ڀوپال جو گئس ڪانڊ ٿيو، ڪوئنا ۾ مصيبت آئي ۽ اِن طرح ٻين ڪيترن قدرتي آفتن وقت مون پنهنجن دوستن ۽ ساٿين سان ۽ مڪاني ماڻهن سان گڏ پنهنجي سنسٿا 'جنتا جناردن پريشد' جي معرفت وقتائتي مدد پئي پهچائي!

سوامي جن چوندا هئا ته سماجڪ شيوا ڪرڻ وقت سستي نه ڪجي ۽ جيڪڏهن مدد ڪرڻي ئي آهي ته پوري وقت سر ڪرڻ گهرجي! وقتائتي مدد ۽ سهاري کي پنهنجي معنيٰ ۽ ملهه ٿيندو آهي!

**جوهراڻي:** **اَسين ڄاڻڻ ٿا چاهيون تہ توهان ’جنتا جناردن پريشد‘ سنسٿا ڪڏهن اِسٿاپت ڪئي؟**

**ديال:** مون اها سنسٿا جنتا جي شيوا ڪرڻ جي خيال کان چاليهہ سال کان اڳ شروع ڪئي؛ جيڪا اُن وقت ننڍي پيماني تي شيوا ڪندي هئي. جنهن جو سياپتي منهنجو گرو ’سوامي شانتي پرڪاش‘ مهاراج هئو ۽ هڪ پيارو ڀاءُ هيرالعل سياڳچنداڻي ۽ اُن سان گڏ هڪڙو سيڪريٽري، ميمبر طور هئو.

”ايشور هر هنڌ حاضر آهي هر ڪنهن پراڻيءَ ۾ ايشور پسي اِنسان ذات جي شيوا ڪريو.“ مون هڪڙو دوهو لکيو آهي جيڪو هن ريت آهي:

**”ڪنهن کي ڪين رنجاءِ تون، سڀ ۾ آهي رام،**
**لوڪن کي نہ رنجاءِ تون، سڀ ۾ آهي رام،**
**لوڪن کي ڏي پيار تون، تن ۾ آهي گهنشيام.“**

**جوهراڻي:** **توهان جي ان سنسٿا هن وقت شيوا جا ٻيا ڪهڙا ڪارج هٿن ۾ کنيا آهن؟**

**ديال:** مکيہ ڪارج هن وقت آهي ’شانتي پرڪاش ٻڍا آشرم‘ قدرت جي گود ۾ ٻڍڙن جي لاءِ هڪڙو خوبصورت گهر سڄي هندوستان ۾ توهان کي ڪٿي بہ نظر ڪونہ ايندو؛ جتي بنا ڪنهن خرچ جي بزرگ اِسترين-پرشن جي شيوا ڪئي وڃي ٿي. اُتي باغ باغيچو آهي ۽ سيني سهوليتن سان ميسر ڪمرا آهن، جتي هو شانتي ۽ فرحت سان رهي سگهن ٿا.

**جوهراڻي:** **توهان بزرگن لاءِ اَهڙو گهر اُلهاس نگر، منهنجو مطلب آهي سنڌو نگر ۾ کولڻ جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي؟ اُتان لاءِ چيو ويندو آهي تہ اَڃا بہ تهذيب ۽ مرياداڻون زنده آهن ۽ ٻار پنهنجن وڏڙن جي پيار سان ديک ڀال ڪندا آهن! ڇا اِهو غلط آهي؟**

**ديال:** منهنجا محبوب! اتي بہ ڪو لاپرواه اولاد آهي؛ جيڪو پنهنجن وڏڙن جي ديک ڀال نيڪ ڪونہ ڪندو آهي!

**جوَهراڻي:** **اُنهن تي بہ بدليل وقت جو اَثر ٿيو آهي ڇا؟**

**ديال:** بلڪل! پراڻي زماني ۾ ٻار، ماءُ پيءُ کان ڊڄندا هئا. پڻ، سامهون ڪونہ پوندا هئا! پر هينئر ماءُ پيءُ کي ٻارن کان ڊڄي هلڻو ٿو پوي. سس، نونهن کان ڊڄي ٿي هلي ۽ سندس هر حڪم بجا ٿي آڻي، جيئن گهر ۾ سک شانتي قائم رهي. مان تہ اِن راءِ جو آهيان تہ جيڪڏهن گهر ۾ خوشي چاهيو تہ ٻارن جي اِڇا موجب هلو. اهو ان ڪري جو ڇئني طرفن کان سڄو واتاورڻ پرشٽ ٿي چڪو آهي ۽ زندگيءَ جا ملهہ لتاڙجي ڇيهون ڇيهون ٿي ويا آهن!

**جوَهراڻي:** **توهان جي ان ٻڍا آشرم ۾ گهڻا ڪمرا آهن؟**

**ديال:** اُتي اَسان کي چاليهہ ڪمرا آهن. هڪ مندر ۽ هڪ تمام سهڻو باغيچو آهي.

**جوَهراڻي:** **ڇا رهڻ ڪرڻ، روٽي پاڻي ڪپڙي لٽي وغيره جون سڀ شيوائون بلڪل مفت آهن؟**

**ديال:** سڀ ڪجهہ بلڪل مفت! تنهن کانسواءِ، ستگرو مهاراج جي ڪرپا سان هر مهيني لڳ ڀڳ ڇهہ سؤ پنجا ه وڌوائن کي مالي مدد، مفت راشن، نوان ڪپڙا، سندن ٻارن جي پڙهائي لاءِ مدد ۽ اِسڪولي يونيفارم بہ ڏني ويندي آهي. غريب ڇوڪرين جي شادين لاءِ بہ مدد ڪئي ويندي آهي.

**جوَهراڻي:** **اها مدد صرف وڌوائن کي ڪئي ويندي آهي يا غريب پريوارن لاءِ بہ موجود آهي؟**

**ديال:** گهڻو ڪري اُنهن غريب وڌوائن لاءِ جن کي ننڍڙا ٻار بہ آهن. چاڪاڻ تہ هن سنسٿا شروع ڪرڻ وقت منهنجو اُديش هئو، غريب وڌوائن ۽ عمر چڙهيل بزرگن جي مدد ڪرڻ! اهو ڇيو ويندو آهي تہ جن کي پرَ آهن، سي اُڏامي سگهن ٿا؛ پر اُنهن جو ڇا ٿيندو جن کي پرَ ئي ڪونهن!

گهرجائن جي شيوا ڪرڻ سان منهنجي من کي اَٿاه سنتوش ۽ شانتي ملندي آهي! ان ڪري جيڪي بہ ڪجهہ مونکي ملندو آهي؛ اُهو مان دکي، پريشان ۽ گهرجائو ماڻهن جي شيوا ۾ خرچ

ڪري ڇڏيندو آهيان!

**جوَهراڻي:** **توهان شايد سنستا جي پاران اِسڪول بہ هلائيندا آهيو!**

**ديال:** ’سوامي شانتي پرڪاش هاءِ اِسڪول‘ جنهن ۾ سنڌي ماڌيم ۽ ساڻ ساڻ اَنگريزي ماڌيم بہ هلندو آهي. توهان کي ڄاڻي خوشي ٿيندي تہ سوامي شانتي پرڪاش سنڌي ماڌيم وارو اِسڪول پڻ پوري طرح هاءِ اِسڪول آهي. اهو بهترين وايو منڊل ۾ آهي، جنهن جو پرڌان سوامي شانتي پرڪاش هو. آشرم جي ٽرسٽ ان سماجڪ شيوا ٽرسٽ کان اَلڳ آهي. اَسين غريب ڇوڪرين جون شاديون بہ ڪرائيندا آهيون ۽ سموهڪ شاديون بہ ڪرائيندا آهيون جيئن سوراشٽر ۽ بين شهرن ۾ ڪرايون وينديون آهن.اهو سڀ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي ڪرپا سان ٿيندو آهي جنهن جي جنم شتابدي اَسين ملهائي رهيا آهيون. پنهنجي گروءَ جي هڪ بہ ڀلائي مان زندگي ڀر نہ وساري سگهندس. اهو سڀ سوامي شانتي پرڪاش، ساڌو واسواڻي ۽ دادا جي. پي. واسواڻيءَ جي سکيائن جو ڦل آهي، جو اَڄ مان اِنسانيت جو ديپ جلائيندي ڪيترن ننڍن وڏن شهرن ۾ ويندو آهيان ۽ هزارن ماڻهن کي زندگيءَ ڀر لاءِ ويشنو بڻايو اَٿم.

’’اِنسانيت جو ديپ جلايو ۽ پنهنجي زندگي ساڪار ڪريو!‘‘

**جوَهراڻي:** **جيتري قدر مونکي خبر آهي تہ توهان جي ڪوشش سان گئو شالا بہ کولي ويئي آهي. ڇا اُن جي ديک ڀال مندر جي طرفان ٿيندي آهي؟**

**ديال:** سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي اُتساه ڏيارڻ ۽ ڪرپا سان گئو شالا شروع ڪئي ويئي هئي ۽ اُها بيحد ڪامياب ويئي. اَڄ ان گئو شالا ۾ پندرهن سوءُ گانيون آهن. اُها اَلڳ نالي سان ٽرسٽ آهي جنهن جو نالو آهي ’شري راڌي شيام گئو شالا ٽرسٽ‘.

ساڳئي نموني ’سوامي سروانند اِسپتال‘ بہ هلندڙ آهي، جيڪا ’سندر شيوڪ سڀا ٽرسٽ‘ وارا هلائيندا آهن؛ جنهنجو پرڌان سوامي شانتي پرڪاش هئو ۽ هاڻي سوامي ديو پرڪاش مهاراج اُن

جو پرڏان آهي. اها اِسپتال بہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي ڪرپا سان ٺهي هئي. جڏهن اَسان ڪيس وينتي ڪئي تہ ان اِسپتال جو نالو توهان جي نالي پٺيان هجي تہ بلڪل نابري واريائين ۽ چيائين تہ اِها اِسپتال سندن ستگرو سوامي سروانند جي نالي سان هجي. اها سندن نئڙت هئي ۽ اَهڙا هئا سندس پر اُپڪاري ويچار! هن کي پنهنجي گروءَ ۾ اَٿاه وشواس ۽ شرڌا هئي!

**جوَهراڻي:** **جيئن اَڳ ۾ ٻڌايو اَٿو تہ توهان ساهتيہ جي هر شاخ کي سينگاريو آهي؛ جنهن ۾ غزل، شاعري وغيره بہ موجود آهي. ڇا اُن جي ڪا موج اَسان کي بہ ٻڌائيندا؟**

**ديال:**

ڪي گهڙيون توسان گذاريان پر اُها فرصت نہ آ،
پيار کان وڌيڪ هن جهان ۾ ٻي تہ ڪا نعمت نہ آ.
پيار ئي آ زندگي ۽ پيار آ آب حيات،
پيار مان سڀ سان ڪريان ٿو، ٻي تہ ڪا عادت نہ آ.

ڪيترا ئي غزل مان ڳائي بہ سگهان ٿو ۽ مون هنديءَ ۾ بہ غزل لکيا آهن:

تمنا هئہ نہ جيني ڪي، تو جيني ڪي ضرورت ڪيا
محبت ڪا نشا گر هئہ ، تو پيني ڪي ضرورت ڪيا.
بهائي عمر ڀر آنسو، جب دل پي غم ڪا ڊيرا ٿا
نہ اَرمان هئہ اَگر ڪوئي، تو روني ڪي ضرورت ڪيا.
حسين لڳي اَگر وه، بکري زلفون سي،
تو ڦر اُسڪو سنوارني ڪي ضرورت ڪيا.

**جوَهراڻي:** **لڳي ٿو تہ توهان عشق جا غزل بہ لکيا آهن!**

**ديال:** ها!

**جوَهراڻي:** **توهان کي ڪهڙي ڪاريہ ۾ گهڻي ۾ گهڻو مزو ايندو آهي؟ ڳائڻ، ساهتيہ رچڻ يا سماج شيوا ڪرڻ؟ ڪهڙي ڪيتر ۾ توهان کي گهڻي ۾ گهڻي خوشي ۽ تسڪين ملندي آهي؟**

**ديال:** ساهتيہ ۽ ڳائڻ وڄائڻ جي سرگرمين ۾ ۽ ساڳئي وقت جنتا جي شيوا ۾ بہ! حقيقت ۾ مون کي سڀ ۾ مزو ايندو آهي. مان پيار جا گيت ڳائيندو آهيان من جي شانتيءَ لاءِ! مونکي سنگيت جي ڄاڻ ڪانهي ۽ نہ ئي مان سنگيتڪار آهيان. مونکي سنگيت جي تانَ-سُرَ جي ڄاڻ ڪونهي پر مان پنهنجي دل جي ساز کي ڇيڙيندو آهيان ۽ پيار جا گيت ڳائيندو آهيان!

**جوَهراڻي: دل جي ان ساز کي ڇيڙيندي مهرباني ڪري نئين ٽهيءَ لاءِ ڪو سنيهو ڏيو!**

**ديال:** مان نئين ٽهيءَ جي سنڌين کي وينتي ڪندس تہ سنڌي سڀيتا، تهذيب، پرمپرائون قائم رکو ۽ سنڌي ساهتيہ جو اَڀياس ڪريو! جڏهن توهين سنڌي ساهتيہ جا ڪتاب خريد ڪندا، تڏهن ئي ساهتيڪارن کي اُتساه ملندو ۽ توهان کي شاه، سچل ۽ساميءَ جي اَٿاه خزاني معرفت گيان ملندو ۽ سنڌ جي سنتن، درويشن ۽ صوفين جي ناز پري زندگين جي ڄاڻ پوندي. اهو سڀ ورثو سانڍي رکڻ لاءِ اَسين جيئن اُپديش ڏيون ٿا، تيئن قدم بہ کڻڻا پوندا. مان سهيوگ فائونڊيشن جو تهدل شڪرگذار آهيان، جنهن وڏن وڏن سنڌي هستين سان مڪاميلو ڪرايو آهي. اِئين ڪرڻ سان توهان سنڌي جاتيءَ سان ڀال ڀلايا آهن. ڇو جو توهان جا ڪارج ڪيترن جي دلين ۾ اُتساه ڦوڪيندا رهن ٿا، جيئن ڇئن ڪيترن ۾ شيوا ڪرڻ جو اُتساه مون ۾ ڦوڪيل آهي. پنهنجي گروءَ جي ڪرپا سان مان ئي پهريون سنڌي آهيان، جنهن سنڌيءَ ۾ 'ڊاڪٽر آف لٽريچر' جي ڊگري حاصل ڪئي آهي.

**جوَهراڻي: مونکي پورو يقين آهي تہ توهان جو هيءُ سنيهو اَسان جي اَڄ جي نوجوان پيڙهي گنيرتا سان کڻندي؛ ڇو جو ڪين فخر ٿيڻ گهرجي تہ' موهن جو دڙو' جي سڀيتا، جنهن جا اَسين وارث آهيون؛ اُن ئي سچي دنيا کي راه ڏيکاري آهي. هو پڪ ئي پڪ توهان جي ان سنيهي کي عملي جامو پهرائيندا!**

**مهرباني!**

**ديال:** جوَهراڻي! توهان جي بہ مهرباني!